روزاني
سنڌيار
ڪراچي
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Reg No 2677
ABC Certified
Daily SINDHYAR Karachi
NTN 4129440-8
www.dailysindhyar.com
جلد :11 | اڱارو 22 آگسٽ 2023 ع بمطابق 04 صفر 1445ھ | شمارو: 303 | قيمت10 رپيا

سنڌ جي نگران وڏي وزير جي صدارت هيٺ اجلاس اسٽريٽ ڪرائم جي خاتمي ۽ گورننس کي بهتر بڻائڻ جو فيصلو

سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر جي صدارت هيٺ پنهنجي نگران ڪابينا جو تعارفي اجلاس ٿيو

ڪراچي ۾ امن امان کي ڪنٽرول ڪرڻ سميت ڪچي واري علائقي ۾ ڌاڙيلن ۽ اسٽريٽ ڪرائم جي خاتمي لاءِ سخت قدم کڻڻ جو فيصلو ڪيو ويو

عوام جي خدمت ۽ اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان کي پنهنجو ڪم سرانجام ڏيڻ ۾ سهڪار وارن ايجنڊن کي ترتيب ڏيڻ هو: نگران وڏو وزير

ٻوڏ ڪانپوءِ صوبي ۾ غربت گهٽجي وڏي وئي آهي تنهنڪري غربت جي خاتمي لاءِ جوڳا قدم کڻڻ جي سخت ضرورت آهي: جسٽس (ر) مقبول باقر

اسان ٻين تي الزام هڻڻ لاءِ نه آيا آهيون، پر عوام جي خدمت ڪندي گورننس کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪنداسين ۽ اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان جي مدد ڪنداسين

صوبي ۾ بين المذاهب هم آهنگي کي هٿي وٺرائڻ جي ضرورت آهي ڇوته هن ملڪ ۾ مختلف عقيدن جا ماڻهو گڏجي رهن ٿا

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر جي صدارت هيٺ پنهنجي نگران ڪابينا جي تعارفي اجلاس ۾ ڪراچي ۾ امن امان کي ڪنٽرول ڪرڻ سميت ڪچي واري علائقي ۾ ڌاڙيلن ۽ اسٽريٽ ڪرائم جي خاتمي لاءِ سخت قدم کڻڻ جو فيصلو ڪيو ويو. اجلاس وزيراعليٰ هائوس ۾ ٿيو جنهن ۾ نگران وزيرن ۽ برگيڊيئر (ر) حارث نواز، يونس ڍاڳا، مبين جمالي، ڊاڪٽر سعد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

اسلام آباد: نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ جڙانوالا واقعي جي متاثرن ۾ چيڪ ورهائڻ واري تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

رياست اڳتي جڙانوالا جهڙو افسوسناڪ واقعو ٿيڻ نه ڏيندي: نگران وزيراعظم

ذميوارن کي انصاف جي ڪٽهڙي ۾ آڻينداسين ۽ رياست اڳتي اهڙي قسم جا واقعا ٿيڻ نه ڏيندي

اقليتن جي جان ۽ مال تي جيڪڏهن ڪنهن شخص ظلم ڪيو ته ايڪشن وٺنداسين، ملڪ ۾ اهڙي ڪا جاءِ ناهي، جتي عيسائي برادري جو ڪنٽريبيوشن نه هجي

قرآن شريف ۾ الله پاڪ حضرت عيسيٰ ع جو شان بيان ڪيو آهي، بي بي مريم جو شان بيان ڪيو آهي، ان کي تسليم ڪندڙ ڪهڙي طبقا پاڻ ۾ ڪيئن وڙهندا؟ قطعي نه

انتهاپسندي جو ڪنهن مذهب، فرقي يا علائقي سان ڪو واسطو ناهي، اقليتن جي تحفظ جي ذميواري اسان سڀني تي آهي

ڪنهن به مذهب جي پيروڪارن جي حقن جو تحفظ يقيني بڻايو ويندو: جڙانوالا واقعي جي متاثرن ۾ 20_20 لک رپين جا چيڪ ورهائڻ جي تقريب سان خطاب

اسلام آباد (م ڊ) نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ چيو آهي ته جڙانوالا واقعي تي ڏاڍو ڏک آهي، اهو واقعو معاشري ۾ موجود هڪ مرض جي نشاندهي ڪري ٿو. جڙانوالا واقعي جي متاثرن ۾ 20_20 لک رپين جا چيڪ ورهائڻ جي تقريب سان خطاب ڪندي نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ چيو ته ذميوارن کي انصاف جي ڪٽهڙي ۾ آڻينداسين ۽ رياست اڳتي اهڙي قسم جا واقعا ٿيڻ نه ڏيندي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

صدر پنهنجي سيڪريٽري کي عهدي تان هٽائڻ جي سفارش ڪري ڇڏي

صدر جي سيڪريٽري وقار احمد جي خدمتن جي وڌيڪ ضرورت ناهي: ايوان صدر

خط ۾ وقار احمد جي جاءِ تي 22 هين گريڊ جي آفيسر حميرا احمد کي صدر جي سيڪريٽري مقرر ڪرڻ جي سفارش ڪئي وئي

ڪالهه واري بيان کي نظر ۾ رکندي ايوان صدر سيڪريٽري جون خدمتون اسٽيبلشمينٽ ڊويزن کي واپس ڪيون ويون آهن

اسلام آباد (م ڊ) صدر ڊاڪٽر عارف علوي پنهنجي سيڪريٽري وقار احمد کي عهدي تان هٽائڻ جي سفارش ڪري ڇڏي، ان سلسلي ۾ ايوان صدر طرفان وزيراعظم جي پرنسپل سيڪريٽري ڏانهن خط لکيو ويو آهي. ايوان صدر وزيراعظم جي پرنسپل ڏانهن لکيل خط ۾ چيو آهي ته صدر جي سيڪريٽري وقار احمد جي خدمتن جي وڌيڪ ضرورت ناهي. خط ۾ وقار احمد جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

صمصام بخاري استحڪام پاڪستان پارٽي ۾ شامل

صمصام بخاري لاهور ۾ جهانگير ترين سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي 9 مئي واقعن جي مذمت ڪئي

جهانگير ترين ۽ عليم خان جي قيادت ۾ آءِ پي پي ۾ شامل ٿي رهيو آهيان: صمصام بخاري

جيڪا آڊيو ليڪ ٿي، ان سان منهنجو ڪو واسطو ناهي

لاهور (م ڊ) تحريڪ انصاف جي اڳوڻي اڳواڻ صمصام بخاري استحڪام پاڪستان پارٽي ۾ شموليت جو اعلان ڪري ڇڏيو. صمصام بخاري لاهور ۾ جهانگير ترين سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي 9 مئي واقعن جي مذمت ڪئي. هن چيو ته جهانگير /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

پنجاب جي نگران وڏي وزير ملازمت دوران
لاڏائو ڪري ويندڙ ملازمن جي گهرڀاتين لاءِ
خاص پيڪيج جو فيصلو ڪري ورتو

لاهور (م ڊ) پنجاب جي نگران وڏي وزير ملازمت دوران لاڏائو ڪري ويندڙ ملازمن جي گهرڀاتين لاءِ خاص پيڪيج جو فيصلو ڪري ورتو. پنجاب جي نگران وڏي وزير محسن نقوي جي صدارت هيٺ ڪابينا جي فنانس اينڊ ڊولپمينٽ بابت اسٽينڊنگ ڪميٽي جو اجلاس ٿيو جنهن ۾ ملازمت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

لاهور: تحريڪ انصاف جي اڳوڻي اڳواڻ صمصام بخاري استحڪام پاڪستان پارٽي ۾ شامل ٿيڻ تي جهانگير ترين پارٽي جي جهنڊي کي اوڍائي رهيو آهي

ڌيءُ جي قاتل کي ڦاهي ڏياري رهنديس: فاطمه ڦرڙو جي ماءُ

منهنجي ڌيءُ سان وڏو ظلم ٿيو آهي، جوابدار کي سرعام ڦاهي ڏني وڃي، ڪجهه به ٿي وڃي جوابدار سان ڪو ناهه نه ٿيندو

مان ان قاتل پير کي ڪڏهن به نه بخشينديس، ان قاتل کي ڦاهي تي پهچائي ساهه پٽينديس

خيرپور (رپورٽر) مقتول ٻارڙي فاطمه جي ماءُ چيو آهي ته مان ڌيءُ جي قاتل کي ڦاسي تائين پهچائي ساهه پٽينديس، ڪجهه به ٿي وڃي ناهه نه ٿيندو. رانيپور جي حويلي ۾ قتل ڪيل فاطمه جي ماءُ صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته منهنجي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

جڏهن آئين پٽاندڙ قانون ناهيو پيو وڃي ته صدر جو جعلي ضمير جاڳي پيو آهي: خواجا آصف

صدر عارف علوي کي نوٽيفڪيشن جي 2 ڏينهن ڪانپوءِ ياد آيو ته الله کي گواهه بڻائڻو ۽ معافي گهرڻي آهي

بد دیانتي جي به ڪا حد هوندي آهي، سوشل ميڊيا کي گند ڪنهن بڻايو ۽ هڪ سڄي نسل کي تباهه ڪيو؟

پي ٽي آءِ جي حڪومتي دور ۾ مخالفن خلاف قانون جو غلط استعمال ٿيو ان جي به معافي گهري وڃي

سيالڪوٽ (م ڊ) ن ليگ جي مرڪزي اڳواڻ ۽ اڳوڻي وفاقي واري وزير خواجا آصف چيو آهي ته صدر عارف علوي کي نوٽيفڪيشن جي 2 ڏينهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

اڳوڻو وفاقي واري وزير خواجا آصف

ڊاڪٽر محمد فخر عالم سنڌ جو 59 هون چيف سيڪريٽري بڻجي ويو

ڊاڪٽر محمد فخر عالم چيف سيڪريٽري سنڌ جي عهدي جو چارج سنڀالي ورتو

ڊاڪٽر فخر عالم عرفان ان کان اڳ وفاقي سيڪريٽري هائوسنگ اينڊ ورڪس ڊويزن جي طور تي ڪم ڪري رهيا هئا

ڪراچي (رپورٽر) ڊاڪٽر محمد فخر عالم عرفان چيف سيڪريٽري سنڌ جي عهدي جو چارج سنڀالي ورتو، سيڪريٽري سروسز غلام علي برهماڻي ۽ سيڪريٽري جنرل ايڊمنسٽريشن محمد علي کوسو چيف سيڪريٽري سنڌ کي بريفنگ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

سوئي سدرن گئس طرفان گئس لوڊشيڊنگ جا وقت مقرر ڪرڻ جي ترديد

شهر ۾ رات کان صبح جي وقت ۾ گئي بند ڪئي ويندي آهي: ترجمان

سوئي سدرن گئس ڪمپني جي نالي سان سوشل ميڊيا تي هڪ نوٽيس گردش ڪري رهيو هو

ڪراچي (م ڊ) سوئي سدرن گئس طرفان گئس لوڊشيڊنگ جا وقت مقرر ڪرڻ جي ترديد ڪئي وئي آهي، ترجمان جو چوڻ آهي ته شهر ۾ رات کان صبح جي وقت ۾ گئي بند ڪئي ويندي آهي، سوئي سدرن گئس ڪمپني جي نالي سان سوشل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

صدر کي احساس ٿيو ته ڪجهه غلط ٿي ويو آهي: سعيد غني

28 ڪلاڪن ڪانپوءِ جڏهن صدر کي هوش آيو ته محسوس ٿيو ته ڪجهه ٿيو آهي

عارف علوي ننڊ مان جاڳي پيو ۽ چيو ته اهو سندس موقف ناهي، ثابت ٿي ويو آهي ته پي ٽي آءِ انتشار جي سياست کي جنم ڏنو آهي

ڪراچي (رپورٽر) پيپلز پارٽي جي اڳواڻ سعيد غني چيو آهي ته 28 ڪلاڪن ڪانپوءِ جڏهن صدر کي هوش آيو ته محسوس ٿيو ته ڪجهه ٿيو آهي، پنهنجي هڪ بيان ۾ هن چيو ته عارف علوي ننڊ مان جاڳي پيو ۽ چيو ته اهو سندس موقف ناهي، ثابت ٿي ويو آهي ته پي ٽي آءِ انتشار جي سياست کي جنم ڏنو آهي. ٻئي طرف ڪراچي جي ميئر مرتضيٰ وهاب چيو آهي ته ٽوئٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

پاڪستاني رپئي جي
ڀيٽ ۾ آمريڪي ڊالر جو
قدر وڌڻ جو سلسلو جاري

ڪراچي (م ڊ) ملڪ ۾ پاڪستاني رپئي جي ڀيٽ ۾ آمريڪي ڊالر جو قدر وڌڻ جو سلسلو جاري آهي، اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان موجب انٽربئنڪ ۾ اڄ ڪاروبار جي پڄاڻي تي ڊالر جو اگهه 297 رپيا 13 پئسا آهي، ان کان اڳ ڊالر 295 رپين 78 پئسن تي بند ٿيو هو انٽربئنڪ مارڪيٽ ذريعن موجب نگران حڪومت جي اچڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

اسلام آباد: نگران وفاقي وزير جمال شاهه اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

گورک تي 3 ارب رپين جا رڪارڊ ترقياتي ڪم ٿيا: سردار رفيق احمد جمالي

گذريل 9 سالن دوران گورک هل اٿارٽي کي ٽي ارب رپيا جاري ڪيا ويا آهن

واهي پانڌي کان 18 فوٽ ويڪرو 35 ڪلوميٽر روڊ 1000 ملين رپين جي لاڳت سان ٻيهر تعمير ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) گورک هلز اٿارٽي جي چيئرمين ۽ اڳوڻي ايم اين اي سردار رفيق احمد جمالي چيو آهي ته گورک هل اسٽيشن تي ايندڙ سياحن جي تفريح ۽ حفاظت لاءِ بهترين سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ اهم قدم کنيا ويا آهن. گورک ۾ ترقياتي ڪمن جا تفصيل ٻڌائيندي سردار رفيق احمد جمالي چيو ته گذريل 9 سالن دوران گورک هل اٿارٽي کي ٽي ارب رپيا جاري ڪيا ويا آهن. جنهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

ڪراچي: سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر جي صدارت هيٺ ٿيل اجلاس جو ڏيک

پارٽي فوج جي ايل او سي تي فائرنگ، هڪ شخص شهيد، 3 عورتون زخمي

پارٽي فوج ايل او سي جي نڪيال سيڪٽر تي بنا جواز فائرنگ ڪئي

فائرنگ جي نتيجي ۾ 60 ورهين جو نوجوان غياث شهيد ٿي ويو

راولپنڊي (م ڊ) پارٽي فوج لائين آف ڪنٽرول (ايل او سي) تي سيزفائر معاهدي جي ڀڃڪڙي ڪئي آهي. انٽر سروسز پبلڪ رليشنز (آءِ ايس پي آر) /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

اٽڪ جيل ۾ چيئرمين پي ٽي آءِ جي سهولتن ۾ واڌ

چيئرمين کي جيل جي دستور کان ٻاهر ماني ملڻ شروع ٿي وئي آهي: ذريعا

صبح سوير بيرڪ مان ٻاهر وڃڻ جي اجازت پڻ ڏني وئي آهي

اٽڪ (م ڊ) اٽڪ جيل ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين جي سهولتن ۾ واڌ ڪئي وئي آهي. جيل ذريعن موجب چيئرمين کي جيل جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

اسلام آباد: نگران وفاقي وزير شاهد اشرف تارڙ اجلاس دوران ڳالهائي رهيو آهي

صدر جي استعيفي نه معاملي جي جاچ ٿيڻ گهرجي: تجزئي نگار

بل تي غير قانوني صحيح جو سوال پنهنجي جاءِ تي آهي

صدر به لکت ۾ ثبوت سامهون رکي ته جيئن باقي بل اعتراض سان واپس ڪيا

اسلام آباد (م ڊ) تجزئي نگار شاهزيب خانزاده چيو ته ان معاملي تي ملڪ جي صدر پنهنجي ٽئي استاف تي سنڌس چوڻ نه مڃڻ جو الزام هنيو آهي، ان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

ڪانريڊ ٽربل نئين آمريڪي قونصل جنرل جي حيثيت سان ذميواريون سنڀالي ورتيون

ڪانريڊ ٽربلميڊرڊ کان اڳ واشنگٽن ۾ اولهه يورپ ۽ يورپي يونين لاءِ ڪم ڪيو

3 سالن تائين پرڏيهي وزارت جي نائب معاون جي حيثيت سان ڪم ڪيو

ڪراچي (م ڊ) ڪانريڊ ٽربل 21 آگسٽ 2023ع تي ڪراچي ۾ آمريڪي قونصل خاني جي قونصل جنرل طور ذميواريون سنڀالي ورتيون. هن تازو آمريڪي مشن جي نائب سربراهه ۽ 2020ع کان 2023ع تائين ميڊرڊ، اسپين ۾ ناظم الامور طور خدمتون انجام ڏنيون. ڪانريڊ ٽربلميڊرڊ کان اڳ واشنگٽن ۾ اولهه يورپ ۽ يورپي يونين لاءِ 3 سالن تائين پرڏيهي وزارت جي نائب معاون جي حيثيت سان ڪم ڪيو جڏهن ته هڪ سال تائين فارين سروس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

آمريڪي قونصل جنرل جي حيثيت سان ذميواريون سنڀاليندڙ ڪانريڊ ٽربل

هزارين رپيا واڌ ڪانپوءِ سون جو اگهه آسمان تي پهچي ويو

ملڪ ۾ في تولي سون جي قيمت ٻه لک 29 هزار 900 رپيا ٿي وئي

10 گرام سون ۾ هزار 658 رپيا مهانگو ٿيڻ ڪانپوءِ هڪ لک 97 هزار 102 رپين جو ٿي ويو

ڪراچي (م ڊ) ملڪ ۾ سون جي اگهه ۾ واڌ جو سلسلو جاري آهي في تولي سون جي قيمت ۾ هزارين رپيا واڌ ٿي آهي. آل پاڪستان جيمز اينڊ جيولرز /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

موسميات کاتي ملڪ ۾ وڌيڪ چوماسي برسات جي اڳڪٿي ڪري ڇڏي

23 کان 27 آگسٽ دوران وقفي وقفي سان برسات جو سلسلو جاري رهڻ جو امڪان

22 آگسٽ تي عربي سمنڊ کان چوماسي هوائون ملڪ جي مٿين علائقن ۾ داخل ٿينديون

ڪراچي (م ڊ) موسميات کاتي ملڪ ۾ وڌيڪ چوماسي برسات جي اڳڪٿي ڪري ڇڏي. موسميات کاتي موجب 23 کان 27 آگسٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

ايشيا ڪپ: نيپال ڪرڪيٽ ٽيم 23 آگسٽ جي صبح پاڪستان لينڊ ڪندي

نيپال جي ٽيم 24 هين آگسٽ تي ڪراچي ۾ پريڪٽس ميچ کيڏندي: ذريعا

25 آگسٽ تي ٽريننگ سيشن جڏهن ته 26 آگسٽ تي ٻي پريڪٽس ميچ کيڏندي

ملتان (م ڊ) ايشيا ڪپ لاءِ نيپال ڪرڪيٽ ٽيم 23 هين آگسٽ جي صبح پاڪستان پهچندي. ذريعن موجب، نيپال جي ٽيم 24 هين آگسٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

اسلام آباد: نگران وفاقي گهرو وزير سرفراز بگٽي سان ڪمانڊنٽ ايف سي معظم جاهه انصاري ملاقات ڪندي

سائفر ڪيس: شاهه محمود چئن ڏينهن جي جسماني ريمانڊ تي ايف آءِ اي حوالي

ٻهرين اسپيشل عدالت تحريڪ انصاف جي وائيس چيئرمين شاهه محمود قريشي جو چئن ڏينهن جو ريمانڊ منظور ڪري ورتو

سائفر ڪيس ۾ گرفتار تحريڪ انصاف جي وائيس چيئرمين شاهه محمود قريشي کي پيش ڪيو ويو

آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ عدالت جي واڌو ذميواري دهشتگردي ٽوڙ عدالت کي سونپي وئي

اسلام آباد (م ڊ) آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ تحت قائم ملڪ جي ٻهرين اسپيشل عدالت سائفر ڪيس ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف جي وائيس چيئرمين شاهه محمود قريشي جو چئن ڏينهن جو ريمانڊ منظور ڪري ورتو. آفيشل سيڪريٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

”عارف علوي کي ايوان صدر نه ڊينٽل ڪلينڪ ۾ هجڻ گهرجي“: حافظ حمدالله

جناب صدر توهان بل واپس موڪلڻ جو جيڪو طريقو اختيار ڪيو اهو آئيني آهي

ڇا اهو انوکو طريقو آئين جي آرٽيڪل 75 جي ڀڃڪڙي ناهي؟

اسلام آباد (م ڊ) جي يو آءِ (ف) جي اڳواڻ حافظ حمدالله چيو آهي ته عارف علوي کي ايوان صدر نه ڊينٽل ڪلينڪ ۾ هجڻ گهرجي. صدر عارف علوي جي بيان تي ردعمل ڏيندي ڄي يو آءِ جي ترجمان چيو ته جناب صدر توهان بل واپس موڪلڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

تحريڪ انصاف جي وائيس چيئرمين شاهه محمود قريشي کي اسپيشل عدالت ۾ آندو پيو وڃي

نگران حڪومت جو بجلي ورهائيندڙ ڪمپنيون صوبن حوالي ڪرڻ جو فيصلو

بجلي ورهائيندڙ ڪمپنين کي صوبن جي ملڪيت ۾ ڏيڻ جي سمري وفاقي ڪابينا کي موڪلڻ جي منظوري ڏني وئي

وفاقي حڪومت سڄي ملڪ ۾ بجلي جو برابر ٽيرف ختم ڪرڻ، بجلي جي ريٽ ۽ سبسڊي جي ذميواري صوبن کي منتقل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو

حيدرآباد ۽ سکر اليڪٽرڪ سپلاءِ ڪمپني سنڌ جي ملڪيت ۾ ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي: دستاويز جو متن

اسلام آباد (م ڊ) نگران وفاقي حڪومت بجلي جي وڪري، ورهاست ۽ ٽيرف جو موجوده نظام ختم ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو بجلي ورهائيندڙ ڪمپنين کي صوبن جي ملڪيت ۾ ڏيڻ جي سمري وفاقي ڪابينا کي موڪلڻ جي منظوري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

صدر خلاف قانوني ڪارروائي نٿي ڪري سگهجي: مرتضيٰ سولنگي

حڪومت صدر جي آفيس وٽي رڪارڊ تحويل ۾ نٿي وٺي سگهي، اسان اهڙي حرڪت نه ڪنداسين

صدر آفيس ۾ اچي وڃي ته اُن کي قانوني تحفظ حاصل هوندو آهي، صدر اعتراض هڻا ته ٻلز تي لڳائي واپس اُماٽي ها

صدر جي ٽوئيٽ سان ڪنهن به قسم جو طوفان نه آيو آهي، آئين جو آرٽيڪل 75 اِن معاملي ۾ واضح آهي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) سنڌ سماءَ جي نگران وفاقي وزير مرتضيٰ سولنگي، قانون واري وزير /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

اسلام آباد: سنڌ سماءَ وارو نگران وفاقي وزير مرتضيٰ سولنگي ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

توشه خانه ڪيس: پي
ٽي آءِ چيئرمين جي
اپيلون ٻڌڻ لاءِ مقرر

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) سپريم ڪورٽ ۾ توشه خانه ڪيس ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

شهريار آفريدي جي گرفتاري ڪالعدم قرار ڏيڻ جو سنگل بئنچ جو فيصلو چئلينج

سنگل بئنچ جو فيصلو چئلينج ڪندي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ انٽرا ڪورٽ اپيل داخل ڪري ڇڏي

سنگل بئنچ جو فيصلو طئي ٿيل قانوني اصولن جي ڀڃڪڙي آهي: درخواست جو متن

فيصلو ٻڌائيندي جڊيشل مائنڊ اپلاءِ نه ڪيو ويو، سنگل بئنچ جي ان فيصلي سان انصاف جو مان مٿاهون نه پر ختمو ٿيندو

اسلام آباد (م ڊ) اسلام آباد جي مئجسٽريٽ ايم پي او جي تحت پي ٽي آءِ اڳواڻ شهريار آفريدي جي گرفتاري ڪالعدم قرار ڏيڻ وارو سنگل بئنچ جو فيصلو چئلينج ڪري ڇڏيو اسلام آباد جي ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ ايم پي او /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

آءِ جي سنڌ رفعت مختار جي تعارفي اجلاس مان ڇهه سينيئر آفيسر گم

آءِ جي سنڌ رفعت مختار کي پوليس هيڊ آفيس پهچڻ تي گارڊ آف آنر پيش ڪيو ويو

ايڊيشنل آءِ جي عمران يعقوب منهاس، مظفر شيخ ۽ فرحت جوڻيجو شريڪ نه ٿيا

سنڌ پوليس ۾ رڳو هڪ آفيسر خادم حسين رند بلوچ نئين آءِ جي رفعت مختار جي گروپ مان آهي

ڪراچي (م ڊ) آءِ جي سنڌ رفعت مختار جي تعارفي اجلاس ۾ ڇهه سينيئر آفيسر شريڪ نه ٿيا. آءِ جي سنڌ رفعت مختار کي پوليس هيڊ آفيس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

ڪراچي: آءِ جي سنڌ رفعت مختار جي صدارت تعارفي اجلاس ٿي رهيو آهي

وڊيوز وڪرو ڪيون ويون،
اسد شاهه ڊارڪ ويب جو
ميمبر هجڻ جو شڪ

ڪراچي (م ڊ) فاطما ڦرڙو ڪيس جي پيروي ڪندڙ وڪيلن پاران ڪيترائي انڪشاف ڪيا ويا آهن. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

ايمان مزاري ۽ علي وزير ٽن ڏينهن جي جسماني ريمانڊ تي پوليس حوالي

اڳوڻي ايم اين اي ۽ انساني حقن جي سرگرم ڪارڪن ۽ وڪيل ايمان مزاري کي دهشتگردي جي قلمن تحت داخل ڪيس ۾ عدالت ۾ پيش ڪيو ويو

جلسي ۾ ڪا غلط ڳالهه ناهي ٿي، اسان چيو ته اسان پنهنجا مطالبا اسلام آباد تائين پهچائڻ چاهيون ٿا: علي وزير

اڳوڻو ايم اين اي دهشتگردي ٽوڙ عدالت جي جج کي غلطي سان اسپيڪر چئي ويٺو

اسلام آباد (م ڊ) اسلام آباد جي دهشتگردي ٽوڙ عدالت ايمان مزاري ۽ علي وزير کي ٽن ڏينهن جي جسماني ريمانڊ تي پوليس حوالي ڪري ڇڏيو اڳوڻي ايم اين اي ۽ انساني حقن جي سرگرم ڪارڪن ۽ وڪيل ايمان مزاري کي دهشتگردي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

نگران وفاقي وزير مرتضيٰ سولنگي جا گورنر سنڌ ۽ نگران وڏي وزير سان رابطا

رابطي دوران شهيد جان محمد مهر جي قتل ڪيس، عام چونڊن جي تيارين ۽ ٻين معاملن تي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي

شهيد جان محمد مهر جي قتل ڪيس جي جاچ ۾ اڳڀرائي ٿي رهي آهي: وڏي وزير جي وفاقي وزير مرتضيٰ سولنگي کي آگاهي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ سماءَ واري نگران وفاقي وزير مرتضيٰ سولنگي گورنر سنڌ ڪامران ٽسوري ۽ نگران وڏي وزير جسٽس رٽائرڊ مقبول باقر سان فون تي رابطو ڪيو آهي رابطي دوران شهيد جان محمد مهر جي قتل ڪيس، عام چونڊن جي تيارين ۽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

مانجهند جي تعلقه اسپتال ۾ ڊاڪٽرن، دوائن ۽ بنيادي سهولتن جي کوٽ خلاف احتجاجي مظاهرو، ڌرڻو

ايس يو پي جي سڏ تي تعلقه اسپتال ۾ ڊاڪٽرن، دوائن ۽ سهولتن جي کوٽ خلاف سوين ڪارڪنن شاهي بازار مان ريلي ڪڍي

اسپتال ۾ سائي، مليريا ۽ ٽي بي جي بيمارين جي ٽيسٽن جي سهولت ميسر ناهي، الٽرا سائونڊ ۽ ايڪسري مشينون ناڪاره پيون آهن : مظاهرين

ميٽرنٽي هوم ٽراما سينٽر اڻ جوڙ غيرفعال آهي، سمورين سهولتن ميسر ڪيون وڃن بصورت ٻي احتجاج وڌايو ويندو

مانجهند(رپورٽ مهراڻ عمراڻي) مانجهند جي تعلقه اسپتال ۾ ڊاڪٽرن، دوائن ۽ بنيادي سهولتن جي شديد کوٽ خلاف ايس يو پي ڪارڪنن جي ريلي علائقي بک هڙتال سياسي سماجي ڌرين جي حمايت، تفصيل موجب مانجهند ۽ واپس ۾

مانجهند : ايس يو پي پاران تعلقه اسپتال ۾ سهولتن جي کوٽ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ضلعي ۾ ننڍن وڏن جانورن جي ويڪسين ڪرڻ لاءِ روٽ ميپ پلان تيار ڪيو آهي : ساجد پيتو

ٺٽون ديرو (رپورٽ) خالد لغاري پاران مون تي لڳايل الزام بي بنياد آهن ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ٺٽون ديرو پرسان پنجوديرو ۾ عورت ميهڻ گولي لڳڻ سبب فوت

اطلاع تي پوليس پهچي عورت جو لاش ڪٺائي اسپتال پهچايو

واقعي جي جاچ ڪري رهيا آهيون ته واقعو خودڪشي آهي : پوليس

ٺٽون ديرو(رپورٽ شاهه محمود پيٺو)ٺٽون ديرو پرسان پنجوديرو ۾ عورت ميهڻ گولي لڳڻ سبب فوت ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

اوباوڙو ۾ صحافي عبدالقادر ابڙو جي ياءِ کان قرجي واردات خلاف احتجاج

ڪنيڙا ٿاڻي جي حد ۾ بدامني جو راڄ، شهري غير محفوظ بڻيل آهن : مظاهرين

صحافي جي ياءِ کان قرجي واردات بعد ڪنيڙا پوليس ڪڪ پڇي بيٺو ناهي ڪيو

اوباوڙو(غلام علي رند)اوباوڙو پرسان مريد شاهه ... صحافين/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

اوباوڙو : صحافي جي ياءِ کان قرجي احتجاج ڪيو پيو وڃي

ٻنون ۾ درسي ڪتاب ۽ ٻيون سهولتون نه ملڻ خلاف احتجاجي مظاهرو، نعريبازي

گورنمينٽ هائي اسڪول ۾ درسي ڪتابن جي شديد کوٽ خلاف ڳوٺاڻا پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

اسڪول ۾ ڪتابن جي کوٽ سميت ٻيون ڪافي بنيادي ضرورتن جي شديد کوٽ آهي : مظاهرين

معاملي جو نوٽيس وٺي هاءِ اسڪول جي شاگردن کي جلد درسي ڪتابن سميت ٻيون سهولتون ڏنيون وڃن

ڏڙو(رپورٽ شوڪت ميمڻ) ٻنون ۾ درسي ڪتاب ۽ ٻيون سهولتون نه ملڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ڪراچي : سماجي اڳواڻ فياض حسين عباسي جي سالگره تقريب چيبل سن سٽي ۾ ڪوٺائي وئي

ڪراچي(رپورٽ) سماجي اڳواڻ فياض حسين عباسي جي سالگره تقريب چيبل سن سٽي ۾ ڪوٺائي وئي ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ڏڙو : درسي ڪتاب ۽ اسڪول جي ٻين سهولتن نه ملڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ملتان واسي ظالم مڙس زال تي تشدد ڪري ٻئي ٽنگون ڀڃي ڇڏيون

تشدد سبب حمل به ضايع، علاج کان انڪار تي والدين نياڻي کي وٺي ڪراچي پهتا

سرڪاري اسپتالن ۾ نياڻي جو علاج ڪرايون پيا، وس وارا مدد ڪن : والدين

ڪراچي(رپورٽ) ملتان واسي ظالم مڙس زال تي تشدد ڪري ٻئي ٽنگون ڀڃي ڇڏيون ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

فاطمه قرڙو جو واقعو تمام ڏکوئيندڙ آهي : جونيئر ذوالفقار ڀٽو

فاطمه قرڙو جي قتل ڪيس ۾ ملوث جوابدارن کي سخت سزا ڏني وڃي

جيسين انصاف نه ٿيو ته اسان ويڙهه ڪندا سين، وارثن سان انصاف ڪيو وڃي

نوشهروفيروز(رپورٽ منظور ملڪ) پيپلز پارٽي شهيد ڀٽو جي مرڪزي جونيئر ذوالفقار ڀٽو فاطمه قرڙو جي قتل ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

سجاول ۾ سيوريج نگر جا واٽر سپلاءِ ناڪاره بڻيل

رهواسي واٽر سپلاءِ ناڪاره هجڻ ڪري پيئڻ جي پاڻي کان محروم

ڳوٺاڻن پاران پبلڪ هيلٿ انتظاميه خلاف احتجاج، واهرجي اپيل

سجاول(رپورٽ ممتاز علي ٻهرو) سجاول پرسان سنڌ ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ماٺيون ۾ شعور اچي چڪو آهي، هاڻي وڏيرن، پيرن ۽ ميرن خلاف آواز اٿاري رهيا آهن : ام رباب چانڊيو

صحافي جان محمد مهر، اصغر ڪنڌ ۽ معصوم ٻار فاطمه قرڙو جي قاتلن جي قانون جي ڪٺهڙي ۾ آڻي سخت سزا ڏني وڃي

فاطمه قرڙو ۽ ٻيا ڪماري سميت ظلم ۽ ڏاڍ خلاف آواز اٿاري پيرن ميرن جي جيلن جي سلاخن پويان بيهاري ڇڏيو آهي

قلم ڏڻين کي بيدردي سان سرعام دهشتگردي جو نشانو بڻائي قتل ڪري سنڌ آواز کي دٻائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي

نوشهروفيروز(رپورٽ منظور ملڪ) ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

ٺٽو : پريس ڪلب غلام الله جو جنرل باڊي جو اجلاس صدر عاشق ملاح جي صدارت هيٺ ٿي گذريو

ٺٽو(جاويد لطيف ميمڻ) پريس ڪلب غلام الله جو جنرل باڊي جو اجلاس صدر عاشق ملاح جي صدارت هيٺ ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

نوشهروفيروز : ام رباب چانڊيو ميڊيا سان ڳالهائي رهي آهي

جهڏو : گرلز پرائمري اسڪول مان 2 فيميل ٽيچر بدلي، تعليم سخت متاثر، احتجاج

ڳوٺاڻن ۽ شاگرديائين علي حيدر لغاري، عائشه، شگفته، نسرين ۽ ٻين گڏجي احتجاجي مظاهرو ڪيو

تعليم کاتي اسڪول کي غيرفعال بڻائي اسڪول ۾ مقرر ماستريائين کي بدلي ڪري ڇڏيو آهي : مظاهرين

تعليم متاثر ٿي رهي آهي، نوٽيس وٺي اسڪول ۾ ماستريائين مقرر ڪري نياڻين جي تعليم بحال ڪئي وڃي

جهڏو(رپورٽ ممتاز جونيجو) جهڏو تعليم کاتي انتظاميا جي ناهلي هلندڙ گرلز پرائمري اسڪول مان 2 فيميل ٽيچر بدلي، اسڪول غيرفعال جاتائي پندرهن ڏينهن کان بند، شاگرديائين جي تعليم سخت متاثر. شاگرديائين جو اسڪول کولڻ لاءِ احتجاجي مظاهرو تدارڪ جو مطالبو. خبر موجب جهڏو جي يونين ڪائونسل آهوري ۾ گورنمينٽ گرلز پرائمري اسڪول آهوري جي ڳوٺاڻن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

جهڏو : اسڪول مان ٻن ماستريائين جي بدلي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

سکر ۾ چيف آفيسر ضلعي ڪائونسل پاران ڪالوني جو دورو، ڪوارٽرن جو جائزو پڻ ورتو

سکر(بيورو رپورٽ) چيف آفيسر ضلعي ڪائونسل سکر سيد اڪبر علي شاهه معصومي ماتحت آفيسرن اسسٽنٽ انجنيئر اسد شيخ، انچارج انڪروچمنٽ سيد اياز علي شاهه سان گڏ جي ضلع ڪائونسل آفيسن ۽ ضلع ڪائونسل ڪالوني سکر جو سرپرائيز وزٽ ڪيو ۽ ڪالوني جي ڪوارٽرن جو جائزو پڻ ورتو ان موقعي تي ماتحت/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ٺٽي ۾ بدامني جو راڄ، عوام ٻاڙ کي غير محفوظ سمجهڻ لڳو

ايس ايڇ او ڪنهن نه ڪنهن ڌرهاڙي خلاف ڪا به ڪارروائي ڪرڻ لاءِ تيار ناهي : شهري

هڪ ڪارروائي ڪانهي پوليس ڀرين رشوتن جي عيوض ڌرهاڙين کي آزادي نصيب ٿيو آهي

ٺٽو(جاويد لطيف ميمڻ) ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

شهيد جان محمد مهر جي قتل تي دلي صدمو رسيو آهي : ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي

پريا ڪماري واري معاملي تي لاتحرعمل جو اعلان نظا ڪيو پوليس کي ڪجهه مهلت ڏيون ٿا

صحافي جان محمد مهر سنڌ جي مظلوم عوام جو آواز هو، سنڌ کي قاتلن کي گرفتار ڪيو وڃي

سکر(رپورٽ : امداد علي ڪلوڙ) ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

سکر : جسقم اڳواڻ ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي ۽ ٻيا پريس ڪانفرنس ڪري رهيا آهن

نوشهروفيروز ۾ صحافي جان محمد مهر جي قتل ۾ ملوث جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ريلي، ڌرڻو

غازي جهنديرو، مرڪزي صدر قاضي ذوالفقار، سليم جهنديرو، صحافي عبدالله سولنگي ۽ ٻين احتجاجي ريلي ڪڍي

صحافي جان محمد مهر سکر جي مظلوم عوام جو سگهارو آواز ٻڌجي چڪو هو جيڪو ڪجهه قوتن کي ناپسند هو : مظاهرين

سکر پوليس جيستائين جان محمد مهر جي ڪيس ۾ ڪردار بهتر نه ٻڌايو ته سخت کان سخت احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي

نوشهروفيروز(رپورٽ اسد علي عمراڻي)سنڌ جرنلسٽس ڪائونسل نوشهروفيروز پاران سکر ۾ شهيد ڪيل صحافي جان محمد مهر جي قتل ۾ ملوث جوابدارن کي سکر پوليس پاران گرفتار نه ڪرڻ خلاف الله واري چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو لڳل ڌرڻي ۾ سنڌ جرنلسٽس ڪائونسل جي مرڪزي قيادت غازي جهنديرو، مرڪزي صدر قاضي ذوالفقار، سليم جهنديرو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

سکر جي يونين ڪاميٽي 5 ۾ صفائي سترائي جي حوالي سان گرينڊ آپريشن شروع

سنڌ سالڊ ويسٽ جي ماڊل جي ڪامياب بڻائڻ لاءِ شهرين کي به سهڪار ڪرڻو پوندو : ميئر ارسلان اسلام شيخ

ڊور ٽو ڊور ويسٽ ڪليڪشن لاءِ شهري جي پهنچي چونڊيل نمائندن سان ڪڏ رابطو ڪري ٽائمنگ جي چونڊ ڪن

دنيا ۾ مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ ڪاميٽيون فعال ڪردار ادا ڪنديون ان محلي وار ڪاميٽيون جوڙيون وڃن

سکر(رپورٽ) يونين ڪاميٽي 5 ۾ صفائي سترائي جي حوالي سان گرينڊ آپريشن شروع ڪيو ويو سنڌ سالڊ ويسٽ جي ماڊل جي ڪامياب بڻائڻ لاءِ شهرين کي به سهڪار ڪرڻو پوندو ميئر سکر ارسلان اسلام شيخ تفصيل موجب سنڌ سالڊ ويسٽ مينيجمينٽ طرفان هر جي سلسلي ۾ ميئر سکر بيرسٽر ارسلان اسلام شيخ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ڪراچي : ايم ڊي سيڪريٽريٽ ڪارساز ۾ سيوريج بابت هڪ اعليٰ سطحي اجلاس

شهر جي اهم شاهراهن سميت سڄي شهر ۾ ڪليل مين هولز کي فوري طور تي ڍڪ ۽ رنگ سليب لڳايا وڃن : سي اي او ڪراچي

سيوريج سسٽم کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ لاءِ هنگامي بنيادن تي قدم کنيا وڃن ته جيئن شهرين کي بهترين سهولتون فراهم ڪري سگهجن

سهولتون فراهم ڪرڻ ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن جي پهرين ترجيح ۾ شامل آهي، ڪم تي ڪا به سوديبازي نه ڪئي ويندي

ڪراچي(رپورٽر)شهر جي اهم شاهراهن سميت سڄي شهر ۾ ڪليل مين هولز کي فوري طور تي ڍڪ ۽ رنگ سليب لڳايا وڃن. سيوريج سسٽم کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ لاءِ هنگامي بنيادن تي قدم کنيا وڃن چاڪاڻ ته شهرين کي بهترين سهولتون/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

ڪراچي : انجنيئر سيد صلاح الدين احمد اجلاس کي خطاب ڪري رهيو آهي

صوفي فقير عبدالله مسڻ جو ساليانو 42 هون عرس مبارڪ 6 صفر کان 9 صفر 1445 هجري شروع ٿيندو

ٺٽو(جاويد لطيف ميمڻ)صوفي فقير عبدالله مسڻ جو ساليانو 42 هون عرس مبارڪ دستور موجب صوفياني طور طريقي سان تاريخ 6 صفر کان 9 صفر 1445هجري، بمطابق 24 آگسٽ کان 27 آگسٽ 2023 بروز خميس جي شام کان آچر ڏينهن تائين درگاهه مسڻ شريف ٺٽو ۾ ملهايو پيو وڃي، عرس مبارڪ جو افتتاح درگاهه شريف/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

سنڌ ڌرتي محبت ڪندڙ ۽ مارواڙن جو ديس رهي آهي : ڊاڪٽر دودو چانڊيو

لائيو اسٽاڪ کاتو مالوند ماڻهن جي خدمت ۽ مدد ڪرڻ تي يقين رکي ٿو : ڊائريڪٽر لائيو اسٽاڪ

اسان ضلعي ۾ ننڍن وڏن جانورن جي ويڪسين ڪرڻ لاءِ روٽ ميپ پلان تيار ڪيو آهي

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر مظفر علي بروهي) لائيو اسٽاڪ کاتي ٽنڊو محمد خان جي ڊپٽي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر دودو چانڊيو پاران ضلع جي چارج سنڀالي ڪم شروع ڪري کاتي جي سمورن ڊاڪٽرز ۽ عملي سان هڪ تعارفي گڏجاڻي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ڪجو پرسان زمين تي مبينا قبضي جي ڪوشش ۽ بيدخل ڪرڻ واري سازش خلاف ڳوٺاڻا سراپا احتجاج

ڏتي بخش خاصخيلي، محمد بخش بروهي، علي حسن جوکيو، پيارو جوکيو، اڪبر ملاح، معشوق جانوري ۽ ٻين ڳوٺاڻن احتجاج ڪيو

زرعي زمين 109 ايڪڙ کي اسٽيٽ لينڊ قرار ڏئي وفاق حوالي ڪيو پيو وڃي، جيڪا ساڻن وڏي ناانصافي آهي : مظاهرين جون دانهون

معاملي جو نوٽيس وٺي جاري ڪيل نوٽيس رد ڪري اسان کي بيدخل ٿيڻ کان بچائڻ سميت زمينن کي پڻ قبضن کان آجو ڪرايو وڃي

گهارو(رپورٽ بشام جوکيو) ڪجي پرسان ديهه پير جهاڙيون جي مقامي ڳوٺاڻن جي زرعي زمين تي ڪيل مبينا قبضي جي ڪوشش سميت ڳوٺاڻن کي بيدخل ڪرڻ واري سازش خلاف ڳوٺاڻا سراپا احتجاج بڻيل، نعريبازي، تحفظ فراهم/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

گهارو : ڪجو واسي ڳوٺاڻا احتجاج ڪري رهيا آهن

سنڌ جي برک قلم ڪارن کي ڳولهي ماڻڻ جو سلسلو هلندڙ آهي : سنڌي ادبي سنگت سکر

سکر(بيورو رپورٽ) سنڌي ادبي سنگت سکر جي ضلعي رابطا سيڪريٽري سردار پيرزادي شاخ سکر جي سيڪريٽري مجيد نواز مغل شاخ روهڙي جي سيڪريٽري آغا سجاد زائر سکر سٽي جي سيڪريٽري وحيد انصاري پنوعاقل شاخ جي سيڪريٽري آمر ساحل امداد جسڪاڻي ۽ بيخود بلوچ هڪ گڏيل اخباري بيان/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

رتوديرو : پريا ڪماري جي اغواءِ ۽ فاطما قرڙو جي قتل خلاف احتجاج

مزاحمتي شاعر ساقي ابڙو نياڻين ۽ معصوم ٻارن سان گڏجي علامتي بک هڙتال ڪئي

واقعا افسوسناڪ آهن پريا سميت سمورا مغوي ٻار ڙا بازياب ڪرايا وڃن : شاعر ساقي ابڙو

ٺٽون ديرو(رپورٽ شاهه محمود پيٺو)رتوديرو: پريا ڪماري جي اغواءِ ۽ فاطما قرڙو جي قتل خلاف شاعر ساقي ابڙو جو ٻارن سميت احتجاج، ناليواري مزاحمتي شاعر ساقي ابڙو پنهنجي نياڻين ۽ معصوم ٻارن سان گڏجي علامتي بک هڙتال/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ٺٽون ديرو : مزاحمتي شاعر ساقي ابڙو پنهنجي نياڻين ۽ معصوم ٻارن سان گڏجي احتجاج ڪري رهيو آهي

دادو ۾ چيئرمين ميونسپل ڪاميٽي صفائي جي بهتري لاءِ ڪائونسلرن جون ڪاميٽيون قائم ڪري ڇڏيون

ميمبر ڪائونسلر سعيد ملاح، ميمبر ڪائونسلر رفيق ميراڻي ۽ ٻين کي شهر ۾ صفائي روزانو جي بنياد تي ڪرائڻ جو پابند بڻايو ويو

چيئرمين ميونسپل ڪاميٽي پير دانش علي جي هدايتن تي ميٽنگ کان پوءِ عملي ڪم ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو

هر شهري جو بنيادي مسئلو صفائي آهي ان کي حل ڪرڻ لاءِ ڏينهن رات پاڻ بيهي صفائي ڪري ڏيکاريندا سين : ميمبر

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) چيئرمين ميونسپل ڪاميٽي دادو پير دانش علي صفائي جي بهتري لاءِ ڪائونسلرن جون ڪميٽيون قائم ڪري ڇڏيون آهن. ان سلسلي ۾ سينيٽيشن ڪميٽي فوڪل پرسن سيد امير شاهه، ميمبر ڪائونسلر حبيب الرحمان ڪوريجو، ميمبر ڪائونسلر لياقت علي سومرو، ميمبر ڪائونسلر سعيد احمد ملاح، ميمبر ڪائونسلر رفيق احمد ميراڻي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

خانپور ۾ معصوم نياڻي فاطمه قرڙو جي قتل خلاف احتجاجي مظاهرو، نعريبازي

سوشل فورم پاران معصوم نياڻي جي قاتلن کي سزا ڏيڻ جي لاءِ احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

ريلي ۾ شرڪاءِ پاران نياڻي فاطمه سان زيادتي ۽ بي رحم قاتلن جي گرفتاريءَ لاءِ نعريبازي ڪندا رهيا

پيرن معصوم نياڻي سان زيادتي ڪري قتل ڪيو، جوابدارن کي عبرتناڪ سزا ڏني وڃي : مظاهرين

خانپو(عتيق ابڙو)رانيپور جي پيرن جي حويلي مان تشدد ٿيل معصوم نياڻي فاطمه قرڙو جو تشدد ٿيل ۽ جنسي زيادتي جي انڪشافن جي ميڊيڪل رپورٽ اچڻ بعد خانپور سوشل فورم پاران معصوم نياڻي جي قاتلن کي سزا ڏيڻ جي لاءِ احتجاجي ريلي ڪڍي پريس ڪلب اڳيان مظاهرو ڪيو ويو تفصيل موجب پيرانيپور جي درگاهه جي پيرن جي حويلي مان 10 ورهين جي معصوم/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

سکر ۾ شمس آباد واسين پاران ٻاٿرن خلاف احتجاج

پاڙي ۾ رهندڙ ٻاٿر بنا جواز مختلف طريقن سان تنگ ڪري رهيا آهن : مظاهرين

ٻاٿرن خلاف لکت ۾ شڪايت ڪئي آهي پر پوليس ڪو به تدارڪ ناهي ڪيو

سکر(بيورو رپورٽ)سکر شمس آباد واسي غلام محمد بلوچ، محمد علي، دلاور، فراز علي ۽ ٻين برادري جي ٻاٿر ماڻهن خلاف سنڌ هاءِ ڪورٽ ٻاهران احتجاج ڪندي ڏانهين آهي ته پاڙي ۾ رهندڙ محمد خان گنڏائي، ثابت علي عرف لالو، عرفان/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ٺٽي ۾ جڙانوالا ۾ مسيح برادري جي عبادتگاهن کي واري واقعي خلاف احتجاجي مظاهرو، نعريبازي

شهر جي مسيح برادري ڪرسچن ڪالوني کان شاهجهان چوڪ تائين ريلي ڪڍي احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي

مسيح برادري پرامن برادري آهي، جيڪا سمورن مذهبن جو ادب ۽ احترام ڪندڙ آهي، سمورا پاڪ ڪتاب احترام لائق آهن : مظاهرين

واقعي ۾ متاثر ٿيندڙ خاندان بي يارو مددگار بڻيل آهن، جن جي ڪا به مالي سهائتا نه ڪئي وئي آهي، نوٽيس وٺي انصاف ڏياريو وڃي

ٺٽو(جاويد لطيف ميمڻ)فيصل آباد پرسان جڙانوالا ۾ مسيح برادري جي عبادتگاهن کي باهيون ڏئي سنڌن بستي ساڙي رک ڪرڻ واري واقعي جي خلاف ٺٽي جي مسيح برادري پاران ڪرسچن ڪالوني کان شاهجهان چوڪ تائين ريلي ڪڍي احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي، احتجاج ۾ معصوم ٻارڙا، عورتون ۽ نوجوان شامل هئا، جيڪي ٻلي ڪارڊ، بينر ۽ عبادتگاهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

ٺٽو : مسيحي برادري پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

سکر جي شهيد برک صحافي جان محمد مهر جي قتل خلاف اڄ احتجاج ڪيو ويندو

سکر(بيورو رپورٽ) سنڌي ادبي سنگت ضلعي سکر جي رابطا سيڪريٽري سردار پيرزادي شاخ سکر جي سيڪريٽري مجيد نواز مغل ۽ ٻين هڪ گڏيل بيان ۾ سکر جي شهيد برک صحافي جان محمد مهر جي قتل خلاف ڊي آءِ جي سکر جي آفيس اڳيان سکر ريجن جي صحافين ۽ سول سوسائٽي پاران اڱاري ڏينهن (اڄ) /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

شهدادڪوٽ ۾ سوشل ورڪر اتحاد جي سڏ تي معصوم نياڻي فاطمه قرڙو جي قتل خلاف احتجاجي ريلي

سوشل ورڪرن عرفان سيلرو، گل پٽي، طارق برڙو، شهري اتحاد صدر وهاب پنڌراڻي، ايس يو پي اڳواڻ الله داد خشڪ ۽ ٻين احتجاج ڪيو

معصوم فاطمه سان ظلم ٿيل آهي جنهن کي سخت تشدد بعد زيادتي جو نشانو بڻائي تڙپائي تڙپائي ماريو ويو آهي : مظاهرين

حويلي جي مالڪ اسد شاهه ۽ ملوث ٻين جوابدارن کي گرفتار ڪري دهشتگردي ايڪٽ تحت ايف آءِ آر داخل ڪري انصاف ڪيو وڃي

شهدادڪوٽ(شاهد اعوان) شهدادڪوٽ ۾ سوشل ورڪر اتحاد جي سڏ تي مختلف سياسي، سماجي ڪارڪنن جو رانيپور ۾ سيد جي حويلي تشدد بعد تڙپي تڙپي فوت معصوم نياڻي فاطمه قرڙو جي قتل ۾ ملوث جوابدارن کي سخت سزا ڏيڻ ۽ فرار جوابدارن جي گرفتاري لاءِ هٿن ۾ ٻلي ڪارڊ کڻي سوشل ورڪرن عرفان سيلرو، گل پٽي، طارق برڙو، شهري اتحاد صدر وهاب پنڌراڻي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

شهدادڪوٽ : سوشل ورڪر فورم پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڊگري ڪاليج خانپور جو قيام شهر واسين ۽ پرپاسي جي عوام لاءِ خوش آئند آهي : احمد بخش پٽو

خانپور(رپورٽ عتيق ابڙو) ڊگري ڪاليج خانپور جو قيام ،شهر واسين ۽ پرپاسي جي عوام لاءِ خوش آئند آهي، ڊگري ڪاليج خانپور ۾ ڊائريڪٽر ڪاليجز لاڙڪاڻو ريجن جي احمد بخش پٽو، ڊگري ڪاليج شڪارپور جي پرنسپال سميت ٻين جي آمد. ڊگري ڪاليج خانپور جي عوام لاءِ تحفو آهي ،جنهن مان خانپور شهر ۽ پرپاسي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

سنڌ جي ڏکويل ماڻهن سان گڏ آهيان : مالڪ بلوچ

سنڌ ۽ بلوچستان جي پيڙائن مسئلن کي ساڳئي تناظر ۾ ڏسڻ پوندو

سنڌ ۾ اهڙي قسم جا ٿيندڙ واقعن ۾ جاگيردارانه سماج جو اثر آهي

ڪراچي (رپورٽر)نيشنل پارٽي جي مرڪزي صدر ،بلوچستان جي سابق وزير اعلا مالڪ بلوچ نيشنل پارٽي جي ڪراچي آفيس ۾ رکيل هڪ گڏجاڻي ۾ سنڌ جي مسئلن تي ڳالهائيندي چيو ته سنڌ ۽ بلوچستان جي پيڙائن مسئلن کي ساڳئي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

دادو ۾ سيپڪو پاران غير اعلانيل لوڊشيڊنگ خلاف احتجاج

احتجاج دوران هڪ دوڪاندار سخت گرمي جي ست نه سهندي ڪري بيهوش ٿي ويو

فيڊر تي هتڙادو لوڊشيڊنگ سبب ڪاروبار تباهه ٿي ويو آهي، واهر ڪئي وڃي : مظاهرين

دادو(ن سنڌيار) دادو ۾ سيپڪو پاران غير اعلانيل لوڊشيڊنگ ڪاروبار ٺپ ڪاروباري مرڪز شاهي بازار کي ايڪسپريس فيڊر ۾ شامل ڪرڻ لاءِ دوڪاندارن واپارين جو انجنيئر آفيس آڏو سخت گرمي ۾ احتجاجي مظاهرو سيپڪو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

دادو : سيپڪو جي زيادتين خلاف شهري احتجاج ڪري رهيا آهن

لاڙڪاڻي جي سنڌ يونائيٽيڊ اسٽوڊنٽس فيڊريشن پاران احتجاج جاري

ڪاليج ۾ بنيادي سهولتن جي کوٽ خلاف احتجاجي ريلي ڪڍي پريس ڪلب اڳيان مظاهرو ڪيو ويو، سخت نعريبازي

ڊگري ڪاليج اندر پيئڻ جو صاف ۽ ٿڌو پاڻي، سولر سسٽم جي سهولت جي اڻهوند سميت ٻيا مسئلا درپيش آهن : مظاهرين

ڪاليج جي انتظاميه کان سخت پڇاڻو ڪري ڪاليج اندر سهولتون مهيا ڪري شاگردن سان انصاف ڪيو وڃي

لاڙڪاڻو(رپورٽر) سنڌ يونائيٽيڊ اسٽوڊنٽس فيڊريشن ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻي طرفان ڪاليج ۾ بنيادي سهولتن جي کوٽ خلاف احتجاجي ريلي ڪڍي پريس ڪلب اڳيان مظاهرو ڪيو ويو، جتي شاگردن هٿن ۾ ٻلي ڪارڊ ۽ تنظيمي جهنڊا کڻي نعريبازي پڻ ڪئي. ان موقعي تي سياف ڊگري ڪاليج جي صدر اسد شاهاڻي، نائب صدر صاحب خان، نعمان عباسي، عاطف پٽو، زرڪ شاهاڻي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

نذير عباسي پنهنجي حياتي ڏئي عوام کي انقلابي اتساهه ڏنو : ساڄاهه وند

ڌرتيءَ سان ڪيل وچن پورو ڪرڻ خاطر هن ملڪ جي سڀ کان طاقتور ادارن سان ٽڪر کاڌو

سنڌس ڇڏيل قدمن جي نشان تي هلي حقيقي عوام دوست سرشتو آڻڻ لاءِ جدوجهد جاري رکبي

آمريڪا ۽ پاڪستان جي اشرافيا ملڪ جي پورهيتن ۽ عوام جي حقن وچ ۾ سڀ کان وڏي رڪاوٽ بڻيل آهن

سکر(بيورو رپورٽ) نذير عباسي پنهنجي حياتي ڏئي عوام کي انقلابي اتساهه ڏنو. ڌرتيءَ سان ڪيل وچن پورو ڪرڻ خاطر هن ملڪ جي سڀ کان طاقتور ادارن سان ٽڪر کاڌو. سنڌس ڇڏيل قدمن جي نشان تي هلي حقيقي عوام دوست سرشتو آڻڻ لاءِ جدوجهد جاري رکبي. اهڙو اظهار جاڳرتا فورم سکر جي چيئرمين ڊاڪٽر غلام رسول گهمري مشهور انقلابي اڳواڻ نذير عباسيءَ جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

*** روزاني سنڌيار ڪراچي سمر پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي آفيس نمبر 807 ٽريڊ ٽاور عبدالله هارون روڊ ڪراچي مان پڌري ڪئي وئي*** رابطي لاءِ: 02135650370، فيڪس: 02135650371

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

اڱارو 22 آگسٽ 2023ع

وَڏي جَـنِ وِڏيـاسِ، وَري وِيـجَ ٿِـي سـي ٿِـيـا؛
تُـرتَ ٻَـڌائُـون ٻـَتِـيُـون، روزِ ڪَـيـائُـون راسِ؛
هِـيـنـڙا! تـنِـين پـاسِ، گـهـارِ تـہ گـهـايـلُ نـہ ٿِـئـين.

سادن سان سنمڪ_ پٽنچن سان پورو

حڪمرانن هن ملڪ کي سڄي دنيا ۾ کلڻ هاب ڪري ڇڏيو آهي. روز روز خلق کلائڻ جا نوان نوان موقعا ميسر ڪري رهيا آهن. هر روز ڪا نہ ڪا غيرسنجيدگي نئين خبر بڻجي سامهون اچي ٿي ۽ پاڻ تان جڳ کلايو وڃي ٿو. اهڙي ئي هڪ خبر آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ ترميمي بل 2023ع ۽ آرمي ايڪٽ ترميمي بل 2023ع جي حوالي سان پڻ آهي. جنهن جي منظوريءَ جي صدر مملڪت ترديد ڪندي چيو آهي تہ. "خدا گواهہ آهي تہ مون آفيشل سيڪريٽ ترميمي بل 2023ع ۽ پاڪستان آرمي ايڪٽ ترميمي بل 2023ع تي صحي ناهي ڪئي. آئون انهن قانونن سان متفق نہ هئس. مون عملي کي چيو تہ انهن بلن کي بنا صحي جي مقرر وقت اندر واپس موڪلين تہ جيئن انهن کي غير موثر بڻائي سگهجي. مون ڪيترائي ڀيرا تصديق ڪئي تہ مون کي ٻڌايو ويو تہ بل موڪلي ڇڏيا آهن. مون کي اڄ خبر پئي تہ منهنجي عملي منهنجي مرضيءَ جي خلاف ڪيو".

جيئن هاٿيءَ جا ڏيکارڻ جا ڏند هڪڙا ۽ کائڻ جا ٻيا هوندا آهن، تيئن ئي هتي جي حڪمراني پڻ رهندي آئي آهي. هن ملڪ ۾ اختيار جا محور ۽ مرڪز هڪڙا آهن تہ 'تختِ طائوس' تي ويهاريو ٻين کي ويندو آهي. انهن مسند نشين ماڻهن وٽ اقتدار تہ هوندو آهي، پر اختيار نہ هوندو آهي. انهن کي اها خبر ئي نہ هوندي آهي تہ سندن اختيار ڪيئن ٻيا استعمال ٿين. ڪير ٻيو استعمال ڪري! اڳوڻو وزيراعظم عمران خان بہ اقتدار تان هٽڻ کانپوءِ ڪيترائي ڀيرا اهڙو اظهار ڪري چڪو آهي ۽ هاڻي صدر مملڪت جي ٽوئيٽ سان بہ هڪ نئون پنڊورا باڪس کليو آهي. صدر رياست جو سربراهہ ۽ هن ملڪ جو سڀ کان وڏو منصب آهي پر ان جي بيخبري انتهائي حيرت جوڳي آهي. ان مان اهو واضح ٿئي ٿو تہ هن ملڪ جو ڪار وهنوار ڪيئن پيو هلي! قانونسازيءَ جي حوالي سان بہ جڏهن اهڙي غيرذميواري ۽ لاپرواهي ٿيندي هجي تہ باقي ٻيا معاملا ڪيئن هلندا هوندا. اهو سمجهڻ ايترو مشڪل نہ آهي. قانون ۽ انصاف واري وزارت صدر مملڪت جي ان قدم کي آئين جي روح جي ابتڙ قرار ڏيندي چيو آهي تہ. آئين جي آرٽيڪل 75 تحت ڪو بہ بل صدر کي موڪليو ويندو آهي تہ صدر وٽ بہ اختيار آهن. يا تہ اهو منظوري ڏئي يا مخصوص مشاهدات سان معاملو واپس پارليامينٽ موڪلي ڇڏي. آئين جي آرٽيڪل 75 ۾ ڪو ٽيون آپشن ناهي. صدر ڄاڻي ٻجهي بلن جي منظوريءَ ۾ دير ڪئي. بلن کي بغير مشاهدي يا منظوريءَ جي واپس ڪرڻ جو رستو آئين ۾ ناهي ڏنل.

هن وقت صورتحال اها آهي تہ آفيشل سيڪريٽ ترميمي ايڪٽ 2023ع ۽ آرمي ترميمي ايڪٽ 2023ع جا گزيٽ نوٽيفڪيشن بہ 18هين آگسٽ تي جاري ٿي چڪا آهن. صدر مملڪت ٻن ڏينهن تائين خاموش رهيو. ڇا اها بيخبري هئي يا ڪا مصلحت؟ يا وري "سادن سان سنمڪ_ پٽنچن سان پورو" واري روش؟! صدر موجب. ڪيس سندس عملي بيخبر رکيو. سوال اهو آهي تہ ايوان صدر جو ڪار وهنوار ڪير پيو هلائي؟ ايڏي وڏي غيرذميواريءَ کان صرف هڪ ٽوئيٽ جي ذريعي پاڻ بچائي نٿو سگهجي. ڇا ٺاهيل بل اعتراض لڳائي 10 ڏينهن واري آئيني مدي اندر واپس نہ ڪيا ويا ۽ اهو مدو گذرڻ کانپوءِ اهي قانون بڻجي ويا آهن ۽ انهن قانونن سان جيڪي 'متاثر' ٿيندا. ڇا ٽوئيٽر جي ذريعي صدر مملڪت جي انهن کان 'معذرت' سان ڪو تدارڪ ٿي سگهندو؟ ڇا ٺاهيل قانوني بلن سان صدر جي بيخبريءَ واري اظهار کان پوءِ اهي ابهام، شڪ ۽ شبها پيدا ٿي ويا آهن تہ عمران خان جي صاحبيءَ ۾ جڏهن صدارتي محل 'آرڊيننس فيڪٽري' بڻيل هو، صدارتي فرمان تيزيءَ ۽ ڪثرت سان ڀيا جاري ٿيندا هئا، اهي ڪير جاري ڪندو هو؟ گهڻو ٿيرا هاڻي خلق نہ کلايو. اسان جي حڪمرانن جي اهڙن ئي عملن ۽ 'احسن ڪارڪردگيءَ' جي ڪري ماضيءَ جي هڪ 'مها منتريءَ' جي ريموٽ ڪنٽرول وزيراعظم واري شهرت رهي آهي. دنيا ڇا سوچيندي تہ هڪ ائٽمي طاقت ملڪ جي سڀ کان وڏي منصب ڌڻيءَ جا اختيار ان جو ماتحت عملو پيو استعمال ڪري ۽ ان 'قصرِ شاهي جي مڪين' کي ڪا بہ خبر ناهي!

سنڌ جو آبپاشيءَ جو نظام ۽ سنڌ واٽر پاليسي

ڊاڪٽر الطاف سيال

سنڌ جي اڳوڻي وزيراعليٰ سيد مراد علي شاهہ خميس 3 آگسٽ 2023ع تي هڪ مقامي هوٽل ۾ ٿيل پروقار تقريب ۾ سنڌ جي پهرين واٽر پاليسي يا پاڻي پاليسي جو افتتاح ڪيو جنهن ۾ عام آبادگار ڪانسواءِ باقي آبادگارن جي نمائندا اڳواڻ، زرعي آفيسرن، اين جي اوز جي نمائندن، پاڻي سان لاڳاپيل انجنيئرن ۽ ماهرن شرڪت ڪئي. ان پاليسي جي منظوري گذريل مهيني جولاءِ جي 22 تاريخ تي سنڌ ڪابينا ڏني. چيو وڃي ٿو تہ انگريزن جي حڪومت کان پوءِ اهو آبپاشي جي تاريخ ۾ اهم سنگ ميل آهي. ان کان اڳ سنڌ جو آبپاشي وارو قانون 1879ع ۾ ٺاهيو ويو ۽ وري سنڌ جي ڪجهہ ڪينالن تي 2002ع ۾ ٺاهيل سنڌ واٽر مينيجمينٽ آرڊيننس لاڳو ڪيو ويو انڪري سنڌ جي آبپاشي جو نظام ٻن قانونن هيٺ هلي رهيو آهي. هاڻي اچو تہ سنڌ جي پاڻي جي وسيلن کي وڌائڻ، پاڻي ڪوالٽي کي بهتر بڻائڻ ۽ پاڻي جي بهتر استعمال لاءِ ٺاهيل سنڌ واٽر پاليسي جو تنقيدي جائزو وٺون تہ ان ۾ اڄان ڪهڙين اسمن جو فقدان آهي ۽ اها سنڌ لاءِ ڪيتري ۽ ڪيئن لاڀائتي ٿيندي.

سنڌ واٽر پاليسي ۾ پهرين تعارفي باب کان سواءِ باقي اٺ باب آهن. جنهن ۾ واٽر گورننس، ڪينال ۽ نڪاسي جي انتظام ڪاري، خشڪ علائقن ۾ پاڻي جي انتظام ڪاري، پاڻي تي منحصر ماحولياتي نظام جو انتظام، شهري پاڻي جي فراهمي ۽ صفائي جون خدمتون، ڳوٺاڻن کي پاڻي جي فراهمي ۽ صفائي جون خدمتون، عمل درآمد، رپورٽنگ، ڪوآرڊينيشن ۽ جائزو ۽ صوبن وچ ۾ پاڻي جي ورچ بابت اهم پاليسيءَ جو مسئلو اهو بهتر هوتہ پاليسي دستاويز جي ٽائيٽل پيج تي ڏنل تصويرن ۾ پاڻي جي زراعت لاءِ اهميت کي اجاگر ڪيو وڃي ها. ڇاڪاڻ تہ سنڌ جو 95 سيڪڙو پاڻي زراعت لاءِ استعمال ٿئي ٿو پر پيج تي ڏنل چار تصويرون پاڻي جي گهريلو استعمال، ڪينالن ۽ انڊس ڊيلٽا لاءِ اهميت کي نمايان ڪن ٿيون پر فصلن يا زرعي زمين جي تصوير نہ ڏني وئي آهي. ان کان علاوه پاليسي ۾ ڪو بہ مختصر خلاصو يا تمهيد (ايگزيڪيوٽو سمري) ڏنل نہ آهي. تمهيد جي هجڻ سان 60 پيجن جو سڄو دستاويز پڙهڻ بجاءِ هڪ يا ٻن صفحن مان پاليسي جي بابت تلهي ليکي ڄاڻ ملي وڃي ها.

هن پاليسي ۾ سنڌ جي آبپاشي واري کاتي ۽ سيڊا کي ملائي ڪري هڪ نئين کاتي ۾ تبديل ڪرڻ جي تجويز ڏنل آهي، جنهن کي "سنڌ جي آبي وسيلن جي انتظام وارو کاتو" ڪوٺيو ويو آهي، جنهن ۾ ڇهہ ڊائريڪٽوريٽ تجويز ڪيل آهن، جن ۾ 1. ڪينال ڪمانڊ ۽ خشڪ علائقن جي سڌارن واري ڊائريڪٽوريٽ. 2. زير زمين پاڻي، نڪاسي آب ۽ پاڻيءَ جي معيار واري ڊائريڪٽوريٽ. 3. ڊيم، ڍنڍن ڊيلٽا ۽ ويٽ لينڊ واري ڊائريڪٽوريٽ. 4. پاڻيءَ جي ورچ، تڪرار جو حل، ۽ بين الصوبائي پاڻيءَ جي مسئلن جي ڊائريڪٽوريٽ. 5. فلڊ مڪينزم، منصوبابندي، انتظام ۽ درياءَ جي انتظام جي ڊائريڪٽوريٽ. 6. آبپاشي واري پاڻي جي ورچ ۽ انفرااسٽرڪچر ڊولپمينٽ واري ڊائريڪٽوريٽ. جڏهن تہ سيڊا کي "سڌارن واري ڊائريڪٽوريٽ" ۾ تبديل ڪري ان جو اختيار جو دائرو سڀني ڪينالن تائين وڌائڻ جي سفارش ٿيل آهي.

سنڌ ۾ پاڻي جي آبي وسيلن جي انتظام تي نظر رکڻ لاءِ 16 ڄڻن تي مشتمل "سنڌ جي پاڻي جي وسيلن واري ڪائونسل" ٺاهي وئي آهي، جنهن جو چيئرپرسن وزيراعليٰ سنڌ ۽ آبپاشي وارو وزير ڪو چيئرمين آهن. ان کان علاوه زراعت، فشريز ۽ لائيو اسٽاڪ ۽ ماحول، موسمي تبديلي ۽ ڪوسٽل ڊولپمينٽ جا وزير، چيف سيڪريٽري، چيئرمين پلاننگ ۽ ڊولپمينٽ بورڊ، اريگيشن، زراعت، لوڪل گورنمينٽ، فشريز ۽ لائيو اسٽاڪ، ٻيلي ۽ صنعتن واري کاتن جا سيڪريٽري، چيمبر آف انڊسٽري جو چيئرمين ان جا ميمبر هوندا. ان کان علاوه ٻہ پاڻي ماهر تعليمي ادارن مان ۽ هڪ گڏيل ميمبر بہ ان ڪائونسل تي کنيو ويندو. هن سنڌ جي پاڻي جي وسيلن واري ڪائونسل جي سيڪريٽريٽ طور سنڌ جي آبي وسيلن جي انتظام وارو کاتو ڪم ڪندو. وڏي ڳالهہ اها آهي تہ هن ڪائونسل ۾ صنعتن کي تہ نمائندگي ڏني وئي آهي پر پاڻي جو 95 سيڪڙو استعمال ڪندڙ آبادگارن جي ڪابہ نمائندگي ڪونهي. ان کان علاوه ڪائونسل ۾ عورتن کي بہ نظرانداز ڪيو ويو آهي. سنڌ واٽر پاليسيءَ تي عمل درآمد ڪرائڻ لاءِ چيئرمين پلاننگ ۽ ڊولپمينٽ بورڊ جي اڳواڻيءَ ۾ 13 ڄڻن تي ٻڌل هڪ ڪميٽي تجويز ڪيل آهي، جنهن ۾ مختلف کاتن جي سيڪريٽرين کان علاوه ڊي جي پي ڊي ايم اي (PDMA)، ٻہ پاڻي جا ماهر ۽ هڪ گڏيل ميمبر شامل آهن. هن ڪميٽي ۾ بہ هارين جي نمائندگي کي مڪمل نظرانداز ڪيو ويو آهي. ٻيو تہ ڪميٽي ۾ تعليم جي سيڪريٽري کي شامل ڪرڻ پنهنجي سمجهہ کان ٻاهر آهي.

جيڪڏهن پاليسيءَ جو مجموعي طرح جائزو وٺبو تہ خبر پوندي تہ پاليسي ۾ ڪافي گرامر جون غلطيون آهن. ڪجهہ جملن جي تہ معنيٰ ئي ڪاڏي تي نٿي نڪري. ان ۾ غير رسمي انگريزي ٻولي (Slang Language) استعمال ڪئي وئي آهي. ساڳين جملن جي ورجاءُ بہ عام ٿيل آهي. ڪافي هنڌن تي ٽائيپنگ جون غلطيون آهن. مثال طور پيج نمبر 2 تي سال 19_2018ع بجاءِ 29_2018ع لکجي ويو آهي. جڏهن تہ ڪمند جنهن کي انگريزي ۾ Sugarcane چئبو آهي پر پاليسي دستاويز ۾ اهو هڪ لفظ کي جدا ڪري Sugar cane لکيو ويو آهي. پاليسي دستاويز کي پڙهڻ سان ائين محسوس ٿئي ٿو تہ آخري باب کان سواءِ باقي بابن کي لکڻ کان پوءِ چڱي طرح سان پڙهيو نہ ويو آهي يا دستاويز جي پروف ريڊنگ نہ ڪئي وئي آهي. سنڌ جي ڪچي وارو علائقو سنڌ جي ڪل ايراضي جو لڳ ڀڳ 5 سيڪڙو آهي ۽ اتي لکين ايڪڙن تي زراعت ٿئي ٿي پر پاليسي ۾ انهيءَ علائقي ۾ پاڻي جي استعمال، بچاءَ ۽ ترقي کي نظرانداز ڪيو ويو آهي. البتہ هڪ سٺي ڳالهہ اها آهي تہ پاليسي ۾ سنڌ جي خشڪ علائقن جهڙوڪ ٿر، ڪوهستان، ڪاڇو وغيره ۾ پاڻي جي دستيابي ۽ بچاءَ تي پڻ ڌيان ڏنو ويو آهي. ان کان علاوه پاليسي ۾ انڊس ڊيلٽا تي بہ خاص ڌيان ڏنو ويو آهي. ان سان سنڌ جي خشڪ علائقن ۽ انڊس ڊيلٽا ۾ ترقي ٿيندي.

پاليسي دستاويز ۾ ڪجهہ حقيقتن کي غلط يا ٽوڙي موڙي پيش ڪيو ويو آهي. مثال طور، منڇر ڍنڍ کي ايشيا جي وڏي ۾ وڏي تازي پاڻي جي ڍنڍ لکيو ويو آهي. ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي تہ منڇر پاڪستان جي تازي پاڻي جي وڏي ۾ وڏي ڍنڍ آهي پر ايشيا ۾ ان جو نمبر پنجين آهي. پاليسي ۾ لکيو ويو آهي تہ 1991ع واري بين الصوبائي پاڻي جي معاهدي ۾ انڊس ڊيلٽا لاءِ 10 ملين ايڪڙ فوٽ پاڻي مختص ڪيل آهي. جيڪا ڳالهہ صحيح ڪانهي. حقيقت ۾ ان معاهدي ۾ انڊس ڊيلٽا لاءِ پاڻي جي اهميت مڃي وئي آهي پر گهربل مقدار جو اندازو ڪرڻ لاءِ ماهرن جي ڪميٽي وسيلي اڀياس جي سفارش ٿيل آهي. اڳتي هلي سن 2005ع ۾ بين الاقوامي ماهرن جي ٽيم فيصلو ڏنو تہ انڊس ڊيلٽا جي بقا لاءِ روزانو 5000 ڪيوسڪ پاڻي وهندو رهي ۽ ان کان علاوه پنجن سالن ۾ 25 ملين ايڪڙ فٽ پاڻي بہ ڊيلٽا لاءِ ڇڏيو وڃي. ان حساب سان ساليانو سراسري طور 8.6 ملين ايڪڙ فوٽ پاڻي ماحولياتي وهڪري طور لازمي قرار ڏنو ويو.

پاليسي ۾ چيو ويو آهي تہ. سنڌ جي زمينن ۽ دريائي ۽ جر واري پاڻيءَ وسيلي 21.3 ملين ٽن لوڻ داخل ٿئي ٿو پر ان جو ڪو بہ حوالو نہ ڏنو ويو آهي تہ اهو ڪاٿو ڪيئن لڳايو ويو. دستاويز ۾ هڪ جڳهہ تي لکيل آهي تہ. سنڌ جي ڪل ايراضيءَ جي 28 سيڪڙو ۾ جر جو پاڻي مٺو آهي، جڏهن تہ ٻئي هنڌ اهو 20 سيڪڙو لکيل آهي.

